# سُستي ڪاهلي

## ڪان و ڪارو ڪيئن ملي؟

11-February-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

11 فيبروري 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو جو بيان

# سُستي ۽ ڪاهلي ڪان ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ❖ محنت جون فضيلتون
- ❖ سُستي ۽ ڪاهلي جي مذمت ۽ ان جا نقصان
- ❖ سُستي ۽ ڪاهلي ڪان نجات ماڻڻ جا 10 طريقا

پيشڪش
اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سُستي ءِ ڪاهلي ڪان ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناھ گاھ آھي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان ڪان بہ حفاظت ٿيندي، گُناھن ڪان بہ محفوظ رھندا. ھڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏھن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺو! ان جا بہ 2 فائدا ٿيندا: پھريون اھو تہ جيستائين مسجد ۾ رھندو، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رھندو، ٻيو اھو جو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ، سمھڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناھي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اھي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.

## درود پاڪ جي فضيلت

نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آھي: جنھن مون تي سڄي ڏينھن ۾ ھڪ ھزار (1000) ڀيرا درودِ پاڪ پڙھيو، اُھو ان وقت تائين ڪونہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنھنجي جڳھ نہ ڏسي وٺي۔ (اَلتَّرْغِيب وَالتَّرْهِيب، صفحه: 565، حديث: 22)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت سڀ کان افضل عمل آهي.

**اي عاشقانِ رسول!** هر ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت ٺاهيو! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجهه سنيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَاللہ چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلْمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نِڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وجي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!                صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا جو اندازِ تربيت

خادِمِ رسول، حضرت اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، هڪ انصاري صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْه جنهن جا مَعَاشي حالات تمام ڪمزور هئا، ان هڪ ڏينهن سڀ کان وڌي سخي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضر ٿي اِمداد جو سُوال ڪيو.

ياد رکو! سَخاوت صرف مال ورهائڻ جو نالو ناهي، اَصل مقصد سامهون واري جي ضرورت پوري ڪرڻ آهي، اسان ڪڏهن اهو سمجهي وٺندا آهيون ته اسان جي ضرورت مال آهي، جڏهن ته ائين ناهي، اسان جي اَصل ضرورت ڪهڙي آهي؟ اهو ڏيڻ وارو الله جاڻي يا ورهائيندڙ رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڄاڻن، اهو اَنصاري صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْه به سمجهي رهيو هو ته منهنجي ضرورت مال آهي ۽ ان مالي امداد جي لاءِ ٻنهي جهانن جي سلطان ، رسولِ ذيشان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ سُوال ڪيو پر.

بے خبر ہو جو غلاموں سے وہ آقا کیا ہے

غيبن تي خبردار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڄاڻن ٿا ته ان جي اَصل ضرورت مال ناهي، ڪا ٻي شيءِ آهي. ان ڪري فرمايائون: ڇا تنهنجي گهر ۾ ڪا شيءِ نه آهي؟ عرض ڪيائين: اسان وٽ هڪ فراسي آهي جيڪا اسان اڌ هيٺ وڇائيندا آهيون، اڌ مٿان وجهندا آهيون ۽ هڪ پيالو آهي، ان ۾ اسان پاڻي پيئندا آهيون.

الله اڪبر! صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو فَقر ڏسو! گهر جو ساز وسامان ڪهڙو آهي؟ هڪ فراسي، هڪ پيالو پر قربان وڃجي! اهڙن حالتن جي باوُجود بہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ايماني جذبو گهٽ نہ ٿيندو هو، انهن حالتن ۾ بہ انهن جون نمازون قضا نہ ٿينديون هيون، گهر ۾ کائڻ پيئڻ جي لاءِ ڪجھ نہ هوندو هو، ان جي باوجود روزا پابندي سان رکندا هئا، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بُک جي ڪري پيٽ تي پٿر ٻڌي رکندا هئا، ان جي باوُجود غزوه بدر ۾ گهرايو ويو، بدر پهتا، غزوه اُحُد ۾ سڏيو ويو، اُحُد پهتا، غزوه تَبُوڪ جي لاءِ گهرايو ويو، تَبُوڪ ۾ پهتا.

مِٹایا قیصروکسریٰ کے اِستِبداد کو جس نے | وہ کیا تھا؟ زورِ حَیدر، فَقرِ بُوذر، صدقِ سلیمانی

**شعر جو مفهوم:** قيصر ۽ ڪسريٰ (يعني رُوم ۽ ايران جي ڪافِر بادشاهن) جو ظُلْم وسِتَم ڪنهن مٽايو، انهن اصحابن جيڪي بهادُر هئا، فقر انهن جو زيور هو ۽ هميشہ سچ ڳالهائڻ وارا هئا.

اسان ڳالھ ڪئي پئي تہ اَنصارِي صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه عرض ڪيو: حُضُور! گهر ۾ هڪ فراسي آهي، هڪ پيالو آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: وڃو! ٻئي شيون کڻي اچو! اهو صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه گهر ويو فراسي ۽ پيالو کڻي بارگاھ رِسَالت ۾ حاضِر ٿيو، رَحمَتِ عالميان، سرورِ

ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِعلان ڪيو: ڪير اهي شيون خريد ڪرڻ چاهي ٿو؟ هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: حضور! مان هڪ دِرهم (چانديءَ جي سڪي) جي بدلي خريد ڪيان ٿو. فرمايائون: ڪو آهي جيڪو هن ڪان وڌيڪ قيمت لڳائي؟ ٻئي صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه چيو: حضور! مان ٻن دِرهمن جي بدلي خريد ڪيان ٿو. نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻئي شيون اُن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه کي ڏنيون، 2 دِرهم وُصُول ڪري ۽ انهن شين جي اَصل مالِڪ کي دِرهم ڏئي ارشاد فرمايائون: بازار وڃو، هڪ درهم جو اناج (ڪائڻ پيئڻ جو سامان) خريد ڪري گهر پهچاءِ، ٻي دِرهم مان ڪهاڙي خريد ڪري مون وٽ ڪٽي اَچُو! اهو صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه جلدي مان بازار ويو، هڪ درهم مان اَناج خريد ڪري گهر پهچايائين، ۽ ٻي درهم مان ڪهاڙي خريدي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مِعراج واري گهوٽ، تاجدارِ انبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مبارڪ هٿن سان ان ڪهاڙي ۾ ڪاٺي جو دَستو (يعني ڳَنُ) وڌو.

الله! الله! اهڙو آقا زماني ۾ نہ ڏٺو هوندو. شان ڏسو! اِمامُ الأنبِيا آهن، الله جا محبوب آهن، ٻنهي جهانن جا آقا آهن، مالڪ جَنَّت آهن، مالڪ ڪوثر آهن، جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جنهن جي گهر خادِم ٻڻجي حاضِر ٿيندو هجي، الله پاڪ زمين و آسمان جن جي صدقي پيدا ڪيا هجن، اهڙي عِزَّت! ايترو رُتبو...! ان جي باوجود غلامن سان تعلق ڏسو، پنهنجي مبارڪ هٿ سان ڪهاڙي ۾ دستو (ڳَن) وجهي ڏئي رهيا آهن.

اَربابِ نظر کو کوئی ایسا نہ ملے گا
بندے تو مل ہی جائیں گے آقا نہ ملے گا

اي عاشقانِ رسول! حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اندازِ تربيت ته ڏسو! صَحَابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان اهي آهن جيڪي حُضُور اَقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هڪ اشاري تي جان تري تي رکي حاضِر ٿي ويندا هئا. جيڪڏهن ٻنهي جهانن جا

آقاء سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُن صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کي صِرف فرمائن ها تہ فراسي ۽ پيالو وڪڻي ڪهاڙي خريدي وٺو، ان جي لاءِ اهو فرمان بہ ڪافِي هو، اهو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ضرور عَمَل ڪري ها، پر سردارِ انبياء محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن صرف ارشاد نہ فرمايو بلڪ ڪري ڏيکاريو، معلوم ٿيو تہ تربيت هميشہ آڱر پڪڙي ڪئي ويندي آهي، قوم کي هٿ پڪڙي بيهاريو ويندو آهي، هن ۾ مُبلّغن جي لاءِ درس آهي تہ اِصلاح ڪرڻي آهي تہ صِرف چئي ڇڏبو ناهي، بلڪ ڪرِي بہ ڏيکاربو آهي، اسان بيزار ٿي ويندا آهيون مثال طور مون فلاڻي کي ايتري ڀيرا نماز جي دعوت ڏني، اهو مجي ئي نٿو، منهنجا ڀاءُ! نٿو مجي تہ ڇا ٿيو؟ اوهان ان جي گهر هليا وڃو، دروازو کڙڪايو، سلام ڪريو، پيار سان، حڪمتِ عملي سان، پاڻ سان گڏ مسجد وٺي وڃو. گهر ۾ ٻار غلطي ڪري تہ ان کي هڪ، ٻہ ڀيرا سمجهايو ويندو آهي، ٽئين ڀيري ٿڦ لڳندو آهي، پيارا اسلامي ڀائرو! ائين نہ هئڻ گهرجي، اِهو غلط انداز آهي. تربيت ڪرڻي آهي تہ بيزاري جو شڪار نہ ٿيو، حڪمتِ عملي اپنايو. اسان جي پياري آقاء مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو ئي اندازِ تربيت هو، پوءِ هن مُبارَڪ انداز جو نتيجو بہ ڏسو! اهڙي قوم جنهن جي ان وقت دُنيا ۾ ڪا عزّت نہ هئي، سَيدُ المُبَلّغِين، رَحمَةٌ لّلعَالَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ان قوم جي اهڙي تربيت فرمائي، جوَ انهن کي دُنيا جو امام بڻائي ڇڏيو.

| | |
|---|---|
| ڪس نے ذروں کو اُٹھایا اور صحرا کر دیا | ڪس نے قطروں کو ملایا اور دریا کر دیا |
| ڪس کی حکمت نے یتیموں کو کیا دُرِّ یتیم | اور غلاموں کو زمانے بھر کا مولا کر دیا |

خير! آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي مبارڪ هٿ سان ڪهاڙي ۾ دستو(ڳن) وڌو، اَنصارِي صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کي ڏئي فرمايائون: جهنگل ۾ وڃو، ڪاٺيون ڪري بازار ۾ وڪرو ڪيو! 15 ڏينهن تائين مون کي نظر نہ اچجو. اَنصارِي صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ ڪهاڙي کڻي هليو ويو. 15 ڏينهن ڪان پوءِ واپس موٽي آيو تہ ان جي هٿ ۾ 10 دِرهم هئا. نبي رَحمت، شفيع اُمَّت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

ڏسي خوش ٿيا ۽ فرمايائون: توهان سُوال ڪيو ۽ اهو سُوال ڪالهه قيامت جي ڏينهن توهان جي چهري تي داغ بڻجي، توهان جو پنهنجي هٿ سان ڪمائي ڪائڻ سوال ڪرڻ ڪان گهڻو بهتر آهي. (ابوداؤد، ڪتاب زڪاة، باب ماتجوز فيه المسالة، صفحه:269، حديث:1641،خلاصةً)

جو کرتے ہیں محنت، مشقت زیادہ | خُدا اُن کو دیتا ہے برکت زیادہ

## محنت ۾ عظمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان محنت جي اهميت معلوم ٿي. محنت ڪاميابي جي ڪنجي آهي، الله جا پيارا حبيب، دِلين جا طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ محنت کي پسند فرمائن ٿا. اسان جي مُعاشري ۾ عجيب ذِهنِيت پاتي وڃي ٿي، ڪيترا ئي اهڙا آهن جيڪي وڏين وڏين نوڪرين جا خواب ڏسندا هوندا، هڪ ئي رات ۾ وڏو امير بڻجي وڃڻ جي خواهش رکندا هوندا پر محنت ۽ مزدوري کان پري ڀڄندا هوندا. ياد رکو! انسان جي عظمت محنت ڪرڻ ۾ آهي. الله جي آخِري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اِنَّ اللهَ تَعَالٰى يُحِبُّ الْعَبْدَ الْمُؤْمِنَ الْمُحْتَرِفَ بيشڪ الله پاڪ طلبِ معاش ۾ تڪليف ڪڻڻ واري مومن کي پسند فرمائي ٿو. (جامع صغير، صفحه:116، حديث:1873) سڀ کان اَفضَل رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سُوال ٿيو: سڀ کان پاڪيزه عمل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: انسان جو پنهنجي هٿ جي ڪمائي ڪائڻ. (شعب الايمان، باب التوکل والتسليم، جلد:2، صفحه:88، حديث:1238)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلزَّحْمَةُ رَحْمَةٌ زَحمت يعني مشقت رَحمت آهي. (مقاصِدُ الحسنة، حرف الزاي، حديث:534) افسوس! آرام طلبي، راحَت پسندي اسان جي مزاج جو حصو بڻجي وئي آهي، سُستي اڌوهي جيان اسان جي ڪردار کي اندر کان ڪائي رهي آهي. ❖ پاڻ اٿي پاڻي جو گلاس پيئڻ اسان کي بوجهه لڳي ٿو ❖ ڪاڏو نهيل ملي ❖ ماني پچل ملي ❖ ڪپڙا ڌوتل ملن ❖ مَوٽر سائيڪل، ڪار وغيره هلائڻي اسان کي آهي، ان جي مَرمَّت ڪو ٻيو ڪرائي ڏي ❖ هر شيء ريموٽ ڪنٽرول

(Remote Control) هجي ❖ پکو، لائٽ وغيره اُتي بند ڪرڻ، هلائڻو نہ پوي ❖ هاڻي تہ دروازا بہ سَينسَر سان کلڻ، بند ٿيڻ وارا اچي ويا آهن، هٿ سان دروازو کولڻ، بند ڪرڻ جي تڪليف بہ پسند ناهي ❖ ڊِيني ڪمن ۾ سُستي ❖ نمازن ۾ سُستي ❖ عِلمِ دين سکڻ ۾ سُستي ❖ قرآن پڙهڻ ۾ سُستي ❖ سنتون اپنائڻ ۾ سُستي ❖ قرض موٽائڻ ۾ سُستي. هر هنڌ سُستي، سُستي ۽ سُستي پريل آهي ۽ مُعَاشَري کي ڏينهون ڏينهن زوال جي اونهي کڏ ۾ ڌڪيندي پئي وڃي. ياد رکو! سُست ۽ راحَت پسند انسان ڪڏهن ڪامياب نٿو ٿي سگهي.

منظر چمنستاں کے زیبا ہوں کہ نازیبا | مَحْرُومِ عَمَل نرگس، مجبُورِ تماشا ہے

**مفهوم**: مُعَاشرو ترقي ڪري يا تَنَزُّلي جو شِڪار ٿئي، ڪو ڪامياب ٿئي يا ناڪام ٿئي، جيڪو ڪم ناهي ڪندو، سُستي جو شِڪار رهندو آهي اهو صِرف ويهي تماشو ڏسي سگهي ٿو، تبصرا ڪري سگهي ٿو، ۽ ٻيو ڪجھ نٿو ڪري سگهو.

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلهہ مستحبات تہ مستحبات فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن سُستي نَظَر ايندي آهي جڏهن تہ فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي ۾ سُستي جو مُظاهرو مُنَافِقن جي نشاني آهي. جيئن پنج وقت نماز جي باري ۾ قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿۱۰۳﴾

ترجموڪنز الايمان: بيشڪ نماز مسلمانن تي وقت مقرر ڪيل فرض آهي.

(پ۵، النسآء: ۱۰۳)

خبر پئي تہ هر نماز جو هڪ خاص وقت مُقَرَّر آهي، جنهن جو خَيال رکڻ لازِمي ۽ ضروري آهي، جيڪي ماڻهو ان وقت جو خيال نٿا رکن يا ادائيگي ۾ سُستي جو مُظاهرو ڪن ٿا، ان جي باري ۾ ارشاد آهي:

وَ اِذَا قَامُوْۤا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰىۙ يُرَآءُوْنَ النَّاسَ

(پ۵، النسآء: ۱۴۲)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جڏهن نماز جي لاءِ اٿندا آهن تہ ڍِگل دل سان ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن

تفسير صِراطُ الجنان جلد 2 صفحي 335 تي آهي: منافقن جي نشاني اها آهي تہ جڏهن مؤمنن سان گڏ نماز جي لاءِ بيهندا آهن تہ مُئل دل سان ۽ سُستي سان بيهندا آهن ڇوتہ انهن جي دلين ۾ اِيمان نہ آهي جنهن سان عِبادَت جو ذوق ۽ بندگي جو لُطف انهن کي حاصِل ٿي سگهي ، رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نماز پڙهندا آهن. هن مان خبر پئي تہ نماز ۾ سُستي ڪرڻ منافقن جي نشاني آهي. نماز نہ پڙهڻ يا صِرف ماڻهن جي اڳيان پڙهڻ جڏهن تہ اڪيلائي ۾ نہ پڙهڻ يا ماڻهن جي اڳيان خُشُوع و خُضُوع سان ۽ اڪيلائي ۾ جَلدي جَلدي پڙهڻ يا نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن خيال وني وڃڻ، دِل جمعي جي لاءِ ڪوشش نہ ڪرڻ وغيره سڀ سُستي جون نشانيون آهن.

نہ نیکی کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے بنا شائقِ قافلہ یا الٰہی!

## نيڪ اعمال ۾ سُستي

اي عاشقانِ رسول! سُستي ختم ڪريو ۽ فرض و واجبات ئي نہ، بلڪ پنهنجون تمام ذِميواريون وَقت تي اَدا ڪرڻ جي عادَت بنائڻ جي ڪوشش ڪريو، اهو ئي نہ بلڪ نيڪيون ڪرڻ ۾ بہ جَلدي ڪريو، ڇوتہ دنيا آخِرَت جي کيتي آهي، هن ۾ هڪ اهڙو واپار آهي جنهن جو نفعو آخِرَت ۾ ملندو، پر اَفسوس! ڪي نادان دُنياوِي زِندگي کي آخِرَت تي ترجيح ڏيڻ جي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ ۾ سُستي جو شِڪار نظر ايندا آهن.

ياد رکو! اسان کي سُستي ۽ ڪاهلي ناهي ڪرڻي، بلڪ سُستي کي پري ڪري نيڪ عملن جي ذرِيعي پنهنجو پاڻ کي نيڪ طبيعت بنائڻو آهي ڇوتہ صِحَّت مندي ۽ نيڪ طبيعت هئڻ بہ الله پاڪ جي نعمتن مان هڪ نِعمَت آهي

جيئن ته فرمانِ مُصطَفٰيﷺ آهي: جيڪو شخص الله پاڪ ڪان ڊڃي ٿو ان جي لاءِ صِحَّت مند هئڻ مالداري ڪان تمام بهتر آهي ۽ نيڪ طبيعت هئڻ ڪيئي نعمتن جو مجموعو آهي. (مسند احمد، جلد:9، صفحه:457، حديث:23802)

حضرت سَيِّدُنا محمد بن ڪعب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن اِرشاد مُبارَڪ جي وَضَاحَت فرمائن ٿا ته بدن جو تَندُرُست رهڻ عِبَادَت ڪرڻ ۾ مدد گار ثابت ٿيندو آهي. صِحَّت هڪ عظيم نِعمَت آهي جڏهن ته بيمار ۽ سُست شخص عِبَادت ڪرڻ ڪان لاچار ۽ عاجِز هوندو آهي ۽ صِحَّت و تندرستي سان گڏ غُربَت جو هئڻ هن ڳالهه ڪان بهتر آهي ته لاچاري سان گڏ مالداري هجي ۽ نيڪ طبيعت هئڻ هڪ اهڙو (روحاني) سُرُور آهي، جنهن جي سبب الله پاڪ پنهنجي ٻانهي کي پنهنجي اِطَاعَت جي توفيق، (عِبَادَت جي لاءِ) بيزاري ڪان پاڪ زندگي ۽ ٿڪاوٽ ڪان پاڪ جسم عطا فرمائيندو آهي ۽ ان کي (دنيا جي) خوفناڪ خطرن ڪان محفوظ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن زندگي خدشن ۽ خطرن ڪان مَحفوظ ٿي وڃي ۽ تنگي نه رهي ته دل زندگي ماڻيندي آهي ۽ نَفس مُطمَئِن ٿي ويندو آهي اهڙو شخص نعمتن سان مالا مال ٿي ويندو آهي. (دُنیا سے بےرغبتی اور امیدوں کی کمی، صفحہ:67 بتغير قليل)

| | |
|---|---|
| کر جوانی میں عبادت کاہلی اچھی نہیں | جب بڑھاپا آ گیا پھر بات بن پڑتی نہیں |
| ہے بڑھاپا بھی غنیمت جب جوانی ہو چکی | یہ بڑھاپا بھی نہ ہوگا موت جس دم آ گئی |

## سستي جي باري ۾ 3 حديثون

(1):بخاري شريف، حديث:6223 ۾ آهي: اِنَّ اللهَ يُحِبُّ الْعِطَاسَ وَيَكْرَهُ التَّثَاؤُبَ بيشڪ الله پاڪ ڇِڪ کي پسند فرمائي ٿو ۽ اوٻاسي کي ناپسند ڪري ٿو. (بُخاری، کتاب الادب، باب ما يستحب من العطاس...الخ، صفحه:1540، حديث:6223، ملتقطاً) عَلَّامہ عَبدُ الرَّؤُف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن جو سبب بيان ڪندي لکن ٿا: اوٻاسي وڏيڪ کائڻ جي ڪري ٿيندي آهي ۽ اها سُستي جي علامت آهي ان ڪري الله پاڪ کي ناپسند آهي. (فيض القدير،

جلد:2، صفحه:367، تحت الحديث:1871) خبر پئي ته اَللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سُستي جي نشانين کي بہ پسند نٿا فرمائن.

(2): مديني جي تاجدار، رسولن جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمّت جي باري ۾ 4 شين کان خوف جو اظهار ڪيو، فرمايائون: اَخْشٰى مَاخَشَيْتُ عَلٰى اُمَّتِى مون کي پنهنجي اُمّت جي معاملي ۾ جن ڳالهين جو گهڻو خوف آهي اهي هي آهن: ❖ كِبَرُ الْبَطَنِ پيٽ جو وڏي وڃڻ (هن مان مراد قدرتي موٽاپو ناهي بلڪ عالم سڳورا فرمائن ٿا اهو موٽاپو برو آهي جيڪو گهڻو کائڻ پيئڻ ۽ عيش و عشرت جي ذريعي پاڻ پيدا ڪيو ويندو آهي.) ❖ مُدَاوَمَةُ النَّوْمِ گهڻو سمهڻ ❖ اَلْكَسْلُ سُستي ❖ وَضُعْفُ الْيَقِيْنِ ۽ يقين جي ڪمزوري. (جامع صغير، صفحه:25، حديث:295)

(3): هڪ ٻي خوبصورت حديث پاڪ آهي، آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلصَّبْرُ نِصْفُ الْاِيْمَان صبر اڌ ايمان آهي. (معجم الكبير، جلد:4، صفحه:463، حديث:8466) عَلّامہ عَبْدُ الرَّؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ايمان دل جي يقين جو نالو آهي پر هن ايمان جا ڪيئي تقاضا آهن، ❖ نماز ايمان جو تقاضو آهي ❖ زڪوٰة ايمان جو تقاضو آهي ❖ حج ايمان جو تقاضو آهي ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ايمان جو تقاضو آهي ❖ برائي کان منع ڪرڻ ايمان جو تقاضو آهي ❖ خيرخواهي ڪرڻ ايمان جو تقاضو آهي، بہ شيون ايمان جي انهن تقاضائن تي عمل کان روڪين ٿيون:

(1):سُستي (2):نفس جي خواهش.

ڇو تہ صبر سُستي ۽ نفس جي خواهش کي دٻائي ايمان جي تقاضائن تي عمل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي، ان ڪري فرمايائون: صبر اڌ ايمان آهي. (فيض القدير، جلد:4، صفحه:307، تحت الحديث:5130)

## سُستي ڇا آهي؟

سُستي اَصل ۾ رفتار جو وَصف آهي، هڪ ڪم اوهان ڪلاڪ ۾ ڪري سگهو ٿا پر ان ڪان غفلت ڪري، جسم سان آساني ڪان ڪم وٺندي، ان کي 2، 3 يا 4 ڪلاڪن ۾ پورو ڪندا آهيو ته اها سُستي آهي. ڪم ڪرڻ جي دِل نه ڪرڻ، اڄ جو ڪم هرويرو اڳئين ڏينهن تي ڇڏڻ، ”هاڻي ڪيان ٿو“ ”ڇگُو ڪيان ٿو“ چئي ڪم کي ٽاري ڇڏڻ، اها به سُستي ئي جو حِصو آهي.

## سُستي جا ڪي طبي سبب

سُستي بعض اوقات جسماني بيمارين جي ڪري ٿيندي آهي. مثال طور ❖ ننڊ پوري نه ٿئي ته سُستي ايندي آهي ❖ ٽينشن ٿئي ته ڪم جي رفتار سست پئجي ويندي آهي ❖ بلڊ پريشر گهٽ (Low) ٿئي ❖ شوگر ليول گهٽ (Low) ٿي وڃي تڏهن به سُستي ٿيندي آهي ❖ جسم ۾ رت جي ❖ وٽامن جي ڪمي ٿي وڃي ❖ خاص ڪري وٽامن ڊي جي ڪمي ٿئي ته جسم سست رهڻ لڳندو آهي ❖ موسمي تبديلي جو به اسان جي مزاج تي وڏو اَثر پوندو آهي، سردي جي موسم ۾ عام طور سُستي گهڻي ٿيندي آهي. سُستي اچڻ جو اهڙو ڪو سبب هجي ته ڊاڪٽر ڪان باقاعِده عِلاج ڪرائڻ گهرجي.

هڪ سُستي اها آهي جيڪا مزاج جو حصو ٿيندي آهي، ٻانهو هر مُعَامَلي ۾ آساني جو شڪار ٿي ويندو آهي، جسماني طور تي ان کي ڪو مسئلو ناهي هوندو، ان جي باوُجود اهو سُست هوندو آهي، اهڙي سُستي ڪجهه باطني بيمارين جي ڪري ٿيندي آهي. اهڙي سُستي جا ٻيا به ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا، اچو! اهڙي سُستي جا 10 علاج ٻڌو، انهن تي عمل ڪريو ۽ سُستي ختم ڪري محنتي ٻڻجڻ جي ڪوشش ڪريو.

### (1): ٽال مٽول نه ڪريو!

سُستي جو سڀ ڪان وڏو سبب ڊگهي اُمّيد آهي. جيڪو ٻانهو اڄ جو ڪم

سياڻي تي ڇڏيندو آهي، اهو هيءَ سمجهي رهيو هوندو آهي تہ مان سياڻي تائين زِنده رهندس. اِهو هڪ ڌوکو آهي، زِندگي ۾ سياڻي ڪڏهن ناهي ايندي. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا استادِ محترم فرمائن ٿا: دُنيا 3 ساهہ آهي: ❖ هڪ ساهہ جيڪو اسان ڪڍي ورتو، ان تي اسان جو ڪو اختيار ناهي. ❖ ٻيو ساهہ جيڪو اسان ڪڍي رهيا آهيون، اسان کي جيڪو ڪرڻو آهي، انهيءَ ۾ ڪرڻو آهي. ❖ ٽيون ساهہ جيڪو اجان اچڻو آهي، ان جو اسان کي ڪو ڀروسو ناهي، خبر ناهي ايندو بہ يا نہ. (منهاج العابدين، صفحه:195)

پنهنجي آسپاس نگاهہ ڪريو! موت جي مختلف سببن اسان کي چئني پاسن کي وڪوڙي رکيو آهي، زمين موت جو هڪ سبب آهي، زلزلو ايندو آهي، يڪدم زمين هِلندي آهي ۽ انسان موت جي منهن ۾ هليا ويندا آهن، ڇت ڪرڻ سان موت ٿي ويندو آهي، بجلي جون تارون (*Electric Wires*) اسان جي چوڌاري ڦهليل آهن، ان جي ذريعي ڪرنٽ لڳڻ سان موت اچي ويندو آهي، موٽر سائيڪل، ڪار وغيره اسان وڏي شوق سان خريد ڪيون ٿا، ڪيئي اهڙا آهن جن کي جهاز تي ويهڻ جو شوق هوندو آهي، اهي سڀ موت جا سبب آهن، ايڪسيڊنٽ ٿيندو آهي، موت ٿي ويندو آهي، جهاز ڪِري تباهہ ٿي وڃي تہ سوين ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويندا آهن، کاڌو جيڪو اسان وڏي شوق سان کائون ٿا، اهو بہ موت جو هڪ وڏو سبب آهي، انسان کاڌو کائيندو رهندو آهي، گرهہ نڙي ۾ اٽڪي پوندو آهي، ساهہ رڪجي ويندو آهي ۽ موت واقع ٿي ويندو آهي، دِل جون بيماريون، ڪينسر وغيره هلاڪ ڪندڙ بيماريون عام طور کائڻ پيئڻ جي بي ترتيبي سان ٿينديون آهن. الله پاڪ اسان کي حادثن ۽ موتمار بيمارين کان محفوظ فرمائي پر چا اها حيرت جي ڳالهہ نہ آهي، موت جو پاڇو هر وقت انسان جي مٿي تي گهمي رهيو آهي، انسان پوءِ بہ ڏگهيون اميدون ڪري ٿو؟

پیامِ مرگ دیتے ہیں ہزاروں حادثے پھر بھی
ہماری قوم کی ساحِل تَنَ آسانی نہیں جاتی

ياد رکو! سُستي شيطان جو وسوسو ناهي، سُستي نفس جو مطالبو آهي. شيطاني وسوسو عارضِي هوندو آهي، جڏهن وسوسو اچي، اوهان ذِڪرُ الله ڪريو، وسوسو ختم ٿي ويندو پر نفس جو مطالبو ائين ناهي ٿيندو، نفس جي خواهش ڏينهو ڏينهن شِدَّت اختيار ڪندي آهي، نفس جو هڪ ئي عِلاج آهي، ان جي خواهشن کي دٻايو وڃي، ان جي خواهشن جو اُبتڙ ڪيو وڃي. اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: **عقل و نقل** (يعني قرآن وحديث) ۽ تجربو شاهد آهي تہ نفسِ اَمَّاره جو لگام جيترو ڇڪيو، دٻجندو آهي، ۽ جيتري قدر ڍر ڏيو، وڌيڪ پير ڦهلائيندو آهي. (فتاوی رضويہ، جلد:12، صفحہ:469)

جيڪڏهن اوهان پنهنجي اندران سُستي ختم ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ هن معاملي ۾ سنجيده آهيو تہ پنهنجي 24 ڪلاڪن جو جائِزو وٺو، جنهن جڳهہ هڪ منٽ جي بہ نفس سُستي ڪري ٿو، ان جڳهہ تي ان کي دٻائي ڇڏيو، نفس کي هڪ منٽ جي بہ سُستي نہ ڪرڻ ڏيو. جيڪڏهن اوهان نفس کي هڪ منٽ جي سُستي ڪرڻ ڏيندا، اهو 2 منٽن جي سُستي جو مطالبو ڪندو، اوهان 2منٽن جي سُستي ڪرڻ ڏيندؤ، اهو 4 منٽن جو مطالبو ڪندو، اوهان هڪ ڏينهن سستي ڪندؤ، اهو 2 ڏينهن جي سُستي جو مطالبو ڪندو. جيڪڏهن اوهان اڄ سُستي ڪري، اڄ جو ڪم سڀاڻي تي ڇڏي رهيا آهيو ۽ ان خوش فهمي ۾ آهيو تہ سڀاڻي اوهان خوب محنت ڪري ڪم مڪمل ڪري وٺندؤ تہ اهو نفس جو ڌوڪو آهي، ڇوتہ اڄ نفس جو مطالبو ڪمزور آهي، سڀاڻي هي وڌيڪ شِدَّت اختيار ڪندو، اڄ اوهان سُستي ڪري رهيا آهيو، سڀاڻي اوهان جو نفس وڌيڪ سست ٿيندو، اوهان سڀاڻي بہ محنت ڪونہ ڪري سگهندؤ. هڪ شخص هو، ان کي سگريٽ پيئڻ جي عادَت هئي، اهو پنهنجي هن عادَت کان تنگ هو، سگريٽ ڇڏڻ چاهيندو هو، هڪ ڏينهن ان پنهنجي فيس بُڪ پيج تي سگريٽ جي تصوير لڳائي ۽ هيٺ لکيائين: ***Last one*** (لَاسٽ وَن يعني اها منهنجي زندگي جي آخري سگريٽ آهي). اڳئين ڏينهن وري ان هڪ تصوير لڳائي، هيٺ لکيل هو: ***Last one*** (لَاسٽ

وَن). اهو ويچارو روزانو *Last one* (لَاسٽ وَن)، *Last one* (لَاسٽ وَن) چوندو رهيو پر سگريٽ ڇڏي نہ سگهيو. نفسيات جا ماهر چون ٿا: اوهان پنهنجي جيڪا عادَت ڇڏڻ چاهيو ٿا تہ يڪدم ڇڏي ڏيو، *last one* (لَاسٽ وَن) چئي پاڻ کي تسلي ڏيڻ رڳو هڪ ڏوکو آهي. پنهنجي هر بُري عادَت جي باري ۾ *The End* (دِي اَينڊ) چوڻ جي عادَت بڻايو. اِنْ شَآءَاللہ! تمام جلد اوهان پنهنجي اندر تبديلي پيدا ڪري وٺندؤ.

## (2): پاڻ کي مَصرُوف ڪري ڇڏيو

عربي چوڻي آهي: اِنْ اَرَدْتَّ اَنْ لَا تَتْعِبَ فَاتْعِبْ جيڪڏهن توهان ٿڪاوت کان ڇوٽڪارو چاهيو ٿا تہ پاڻ کي ٿڪائي ڇڏيو. (الذريعة الى مكارم الشريعة، الباب السادس، مدح السعى وذم الكسل، صفحه:268) اهو سُستي ختم ڪرڻ جو زبردست فارمُولو آهي، هن کي هڪ مثال مان سمجهو! هڪ شخص جنهن کي ڊوڙڻ جي عادَت ناهي، جيڪڏهن اهو ڊوڙي تہ ڪم وبيش 15 يا 20 منٽن ۾ ٿڪجي پوندو ۽ هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو روزانو ڊوڙي ٿو، ان کي ڊوڙ جي عادَت آهي، اهو 2 ڪلاڪ بہ ڊڪي تہ ڪونہ ٿڪبو. پهريون شخص 20 منٽن ۾ ٿڪجي پيو ۽ ٻيو 2 ڪلاڪن ۾ بہ ٿڪاوٽ جو شِڪار نہ ٿيو، اهو ٻيو ماڻهو لوهہ جو ناهي ٺهيل، ان بہ پهريان پهريان جڏهن ڊوڙڻ شروع ڪيو هو تہ ڪجهہ دير ۾ ٿڪجي پيو هو پر ان پاڻ کي ٿڪايو، روزانو جي اعتبار سان ڊڪندو رهيو، آهستہ آهستہ ان کي ڊوڙڻ جي عادَت پئجي وئي، هاڻي اهو 2 ڪلاڪ بہ ڊوڙي تہ ٿڪجندو ناهي، خبر پئي تہ ٿڪاوٽ کان ان کي ڇوٽڪارو ملندو آهي جيڪو پاڻ کي ٿڪائي ڇڏيندو آهي.

فراغت سے دنیا میں اِک دم نہ بیٹھو
اگر چاہتے ہو فراغت زیادہ

اوهان دُنيا جي سَروَي ڪري وٺو، جيڪو ٻانهو گهڻو مَصرُوف هوندو آهي، اهو گهڻو چست هوندو آهي ۽ جيڪو جيترو فارِغ هوندو آهي، اوترو ئي سست هوندو آهي. اوهان پاڻ کي مَصرُوف ڪريو، پاڻ کي محنت وارن ڪمن ۾

لڳايو، پاڻ کي هڪ منٽ به فارِغ نه رهڻ ڏيو، اهو سستي جو سڀ کان بهترين عِلاج آهي.

عام طور اسان وٽ ڪجهه جملا چيا ويندا آهن: ”مان فارِغ آهيان“ ”فلاڻي وقت ۾ فارِغ ٿيندو آهيان“ ”ڪجهه نه بَس ٽائِم پاس ڪري رهيو هيس“ وغيره. اوهان کي خبر آهي؟ اهي اسلامي مزاج جا جملا نه آهن، هڪ مسلمان جي زبان تي اهي جملا بلڪل به نٿا ٺهن. اسان جو عقيدو آهي ته اسان کي مرڻو آهي، قبر جي هڪ وڏي زندگي آهي، پوءِ حشر ۾ اُٿڻو آهي، قيامت جو پنجاهه هزار سالن جو ڏينهن هوندو، ٽيمپريچر زمين، باهه وسائيندڙ سج، قهر سامهون هوندو، هڪ پاسي جنّت، هڪ پاسي دَوزخ، هن حال ۾ اسان کي پنهنجي زِندگي جو حساب ڏيڻو آهي. هڪ اسٽوڊنٽ کي ٽن ڪلاڪن جو پيپر ڏيڻو هوندو آهي، ان جي لاءِ ڪيئي ڪيئي مهينا تياري ڪئي ويندي آهي پر هتي مُعَاملو ئي ابتو آهي، حساب جي لاءِ پنجاهه هزار سالن جو ڏينهن ۽ تياري جي لاءِ اها مختصر زِندگي، اسان کي هن مختصر زِندگي ۾ پنجاهه هزار سالن جي ڏينهن جي لاءِ تياري ڪرڻي آهي، پلا اسان وٽ وقت ڪٿان کان هوندو، اسان جو هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي، هڪ هڪ ساهه قيمتي آهي، اسان فارِغ ڪيئن ٿا ٿي سگهون؟ الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ۚ﴿۶﴾ (پاره30،سورة الانشقاق:6) | ترجمو ڪنز الايمان: اي انسان بيشڪ توکي پنهنجي ربّ جي طرف ضرور ڊوڙڻو آهي پوءِ ان سان ملڻو آهي. |

غور ڪريو! اسان جو هر ساهه اسان کي موت جي قريب ڪري رهيو آهي، اسان جي حِسَاب جو ڏينهن ويجهو کان ويجهو اچي رهيو آهي، اسان وٽ پهريان ئي وقت تمام گهٽ آهي، ويتر فارِغ رِهي اسان پاڻ کي ڪيئن ٿا تباهه ڪري سگهون؟ اعليٰ حضرت جا والِد، مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا: قاضِي شُرَيح رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ جڳهه وٽان لنگهي رهيا هئا، ڪن ماڻهن کي فُضُول ڪم ۾

مَصرُوف ڏسي فرمايائون: اَلْفَارِغُ مَاأُمِرَ بِهٰذَا يعني فارغ شخص کي هن جو حڪم ناهي ڏنو ويو، پوءِ پاڻ سورهٔ اَلَمْ نَشْرَحْ جي آيت:7 تِلاوت ڪئي، الله ڪريم فرمائي ٿو:

فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ۟ۙ

(پاره30،سورة الم نشرح:7)

ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ جڏهن تون نماز کان فارغ ٿئين ته دعا ۾ محنت ڪر.

مطلب اهو آهي ته جڏهن هڪ عِبادت کان فارِغ ٿيو ته ٻي شروع ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن وقت عِبادت کان خالِي نه رهو ڇوته توهان کي پيدا ڪرڻ جو اَصل مقصد عِبادت ئي آهي. (انوار جمال مصطفےٰ صلی اللہ علیہ وسلم، صفحہ:323)

پيارا اسلامي ڀائرو! سُستي ڀڄايو، پاڻ کي مَصرُوف ڪريو، پنهنجي 24 ڪلاڪن جو جدول (*Schedule*) ٺاهيو، ان ۾ هڪ لمحو به فارِغ نه رکو، ان ۾ ننڊ جو وَقت به رکو، گهر وارن کي به ٽائم ڏيو، ٻارن جي لاءِ به ٽائم رکو، انهن کي علمِ دين سکاريو، سنتون ۽ آداب سيکاريو، انهن سان خوش طبعي ڪريو، ضروري دُنياوي ڪم ۽ گهريلو ڪم ڪار جو به وقت مقرر ڪريو، عِبادت جا وقت به مقرر ڪريو پر جدول اهڙو رکو جو 24 ڪلاڪن ۾ هڪ منٽ به بغير جدول جي نه هجي، اوهان کي ٽائم پاس جي لاءِ *T.V*، فيس بُڪ، يوٽيوب، ويڊيو گيمز وغيره جو سهارو نه وٺڻو پوي.

## (3): پاڻ تي گهڻو بار نه وجهو

اي عاشقانِ رسول! پاڻ کي مَصرُوف ڪريو پر هن ۾ هڪ شيءِ جو لازِمي لحاظ رکو ته پاڻ تي بار نه وجهو. فِزڪس (*Physics*) جو هڪ اُصُول آهي: "ڪنهن به شيءِ کي حرڪت ڏيڻ جي لاءِ قوت جي ضرورت هوندي آهي، اوهان جنهن شيءِ کي جيتري قوت سان حرڪت ڏيندؤ، اها اوتري ئي تيز حرڪت ڪندي،" سائيڪل جو مِثال وٺو، سائيڪل هلائڻ وارو جيتري

طاقت سان پيدل گهمائيندو آهي، سائيڪل اُوتري تيز هلندي آهي، جڏهن ڪنهن شيء تي ان جي طاقت کان وڌيڪ بار وڌو ويندو ته اها سست پئجي ويندي آهي، اوهان لوڊر گاڏيون ڏٺيون هونديون، ٽرالي، ٽرڪ، ڪنٽينر وغيره، اوهان رستي تي جائِزو ونو، ٽرالي، ٽرڪون وغيره خالي هجن ته تيز هلنديون آهن پر جڏهن لوڊ هجن ته انهن جي رفتار سست ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي اَووَر لوڊ ڪيو وڃي، جيڪو قانوني طور جُرم به آهي ته ان صُورت ۾ انهن گاڏين جي رفتار وڌيڪ سست ٿي ويندي آهي. اها ئي حالت انسان جي به آهي، اوهان پنهنجي طاقت جي مُطَابق پاڻ تي بار رکندؤ ته چست رهندؤ، سُستي اوهان کان پري رهندي پر جيئن ئي اوهان پنهنجو بار وڌيڪ ڪندؤ ته سست ٿي ويندؤ. تنهنڪري ڪڏهن به پاڻ کي فارِغ نه ڇڏيو پر ڪم ايترو ئي ڪريو جيتري اوهان جي طاقت آهي. مثال طور تي اوهان پنهنجي 24 ڪلاڪن مان 8 ڪلاڪ ننڊ جا ڪڍي ونو، ڇوته عام حالت ۾ ايتري ننڊ ضروري آهي، جيڪڏهن اوهان پنهنجي ننڊ پوري نه ڪندؤ ته به سست ٿي ويندؤ. 8 ڪلاڪ ڪڍڻ کان پوءِ اوهان وٽ ڪل 16 ڪلاڪ باقِي بچيا، فرض ڪريو اوهان وٽ 8 ڪم آهن، هر ڪم تي 2 ڪلاڪ وقت لڳندو ته اوهان 16 ڪلاڪ ۾ 8 ڪم ئي ڪريو، انهن مان هڪ به ڪم نه ڇڏيو پر انهن 8 ڪمن کي 8 ئي رکو، جيئن ئي اوهان وڌيڪ ڪم پاڻ تي رکندؤ، جڏهن ته اوهان وٽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي لاءِ ڪو خالي وقت ناهي ته اوهان سست پئجي ويندؤ، نتيجي طور اوهان جا 8 ڪم به متاثر ٿي ويندا. تنهنڪري هميشه پنهنجو پاڻ تي اوترو ئي بار رکو جيترو اوهان ڪٽي سگهو ٿا، وڌيڪ ڪٽندؤ ته سست پئجي ويندؤ. صديقه بنتِ صديق، اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه طيبه، طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان پڇيو ويو: اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪهڙي ڪم کي وڌيڪ پسند ڪندا هئا؟ فرمايائون: مَا مَا دِيْمَ عَلَيْهِ وَ اِنْ قَلَّ اهو ڪم جيڪو استقامت سان ڪيو وڃي چاهي گهٽ هجي. (ترمذی، کتاب الادب، باب:73، صفحہ:664، حدیث:2856)

## (4): نَفسِ اَمّارہ جون 2 ڪمزوريون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي نفس جون 2 وڏيون ڪمزوريون آهن: (1):نفس لالچي هوندو آهي، تجربو ڪري ونو، نفس کي جنهن شيءِ ۾ پنهنجو فائدو نظر اچي، اهو ڪم هي يڪدم ڪري وٺندو آهي. (2): نفس جي ٻي وڏي ڪمزوري اها آهي تہ نفس ڏڄندو گهڻو آهي، ڪنهن وڏي هال ۾ ماڻهو وينا هجن، ڪو اچي چئي تہ اها ڇت ڪرڻي واري آهي جلدي هتان ڪان نڪري وڃو تہ سست ڪان سست ماڻهو بہ اتان ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

جيڪڏهن اوهان سُستي ختم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ نفس جي انهن ٻنهي ڪمزورين جو فائدو ڪڻو:

❖ نفس کي لالچ ڏيو: مثال جي طَور تي نماز پڙهڻ ۾ اوهان جو نفس سُستي ڏيکاري ٿو، اوهان غور ڪريو! اوهان جي نفس کي ڪهڙي شيءِ گهڻي پسند آهي، فرض ڪريو ڪنهن کي اَنب گهڻا پسند آهن، هاڻي اهو پنهنجي نفس کي لالچ ڏئي تہ جيڪڏهن تون پنجئي نمازون باجماعت پڙهندين تہ مان توکي انب ڪارائيندس، اِنْ شَآءَاللّٰه! اوهان سُستي کان بَچي ويندؤ. حضرت ذُو النُّوْن مِصْرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي لذيذ کاڌو کائڻ جي خواهش ٿي، پاڻ 10 سالن تائين هن خواهش کي دٻائي رکيو، هڪ ڀيري عيد جي رات هئي، نفس لذيذ کاڌي جي گهڻي خواهش ڪئي، حضرت ذُو النُّون مِصْرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ کي چيو: جيڪڏهن تو 2 رڪعتن ۾ سڄو قرآن ختم ڪيو تہ تنهنجي خواهش پوري ڪئي ويندي. نفس هن تي تيار ٿي ويو، پوءِ پاڻ 2 رڪعتن ۾ سڄي قرآن جي تِلاوت ڪئي. (تذکرۃُ الاولیَاء، ذوالنون مصری، صفحہ:93)

❖ نفس کي ڏيڄاريو، ان کي سزا ڏيو: مثال طور اوهان جو نفس ڪنهن ڪم ۾ سُستي ڪري ٿو تہ ان کي ڏيڄاريو تہ جيڪڏهن اهو ڪم نہ ڪيو تہ اڄ کاڌو ڪونہ ملندو، پوءِ انهيءَ تي جميل رهو، جيڪڏهن پوءِ بہ سُستي اچي تہ کاڌو نہ کائو، نفس کي بکارو رکو، اِنْ شَآءَاللّٰه نفس سُڌري ويندو ۽ سُستي ڇڏي ڏيندو.

اوهان اهو طريقو هڪ ٻي انداز ۾ بہ اختيار ڪري سگهو ٿا: نفس کي جَنَّت جون نعمتون ياد ڏياريو، جنَّت جي خوب صُورت محلات جو تذڪرو پڙهو، اتي جي لذيذ کاڌي، اتي جي ڏُک دَرد کان پاڪ زِندگي، اللّٰه پاڪ جي رضا ۽ سڀ کان وڏيڪ اللّٰه پاڪ جو ديدار ڪيڏي وڏي نعمت آهي، انهن نعمتن جو مطالعو ڪريو، پوءِ ان جي مُقَابلي ۾ جهنّم جي عذاب، اتي جي شعلا هڻندڙ باهہ، وڏا وڏا نانگ، وڇون، جهنّم ۾ باهہ جون ٻيڙيون وڌيون وينديون، باهہ جا جُوتا پارايا ويندا، دماغ ٽهڪندو، سڄي جسم جو گوشت ڇڻي ويندو، انهن عذابن کان پاڻ کي ڊيڄاريو، جنهن ڪم ۾ اوهان جو نفس سُستي ڏيکاري ٿو، خاص اُن ڪم جون فضيلتون پڙهو، اهي ڪم نہ ڪرڻ جي نقصانن جو مطالعو ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰه! ذِهن بڻجي ويندو ۽ سستي مان جان ڇٽي ويندي.

مدني مشورو: قرآنِ ڪريم ۽ اَحادِيث ۾ جَنَّت جو تَذڪرو آهي، بهارِ شريعت جي پهرين حِصي ۾ جَنَّت ۽ دوزَخ جو بيان آهي، ان جو مُطَالعو ڪريو، صِرَاط الجنان پڙهو، مکتبة المدينہ جا ڪتاب: جہنّم میں لے جانے والے اَعْمال، جَنَّت میں لے جانے والے اَعْمال کان علاوه شيخ طريقت، امير اهلسنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ڪتاب ۽ رسالا پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (5): بهاني بازي کان بچو

ياد رکو! نفس جو مِثَال بار جهڙو آهي اوهان ڏنو هوندو تہ ٻار عام طور تڪليف کان بچڻ جي راهہ ڪڍي وٺندا آهن، ٻار پري جي سوچ ناهن رکندا، ڪنهن ڪم ۾ فائِدو آهي، ڪنهن ۾ نقصان آهي، هن جو فِڪر عام طور ٻارن کي ناهي هوندو، ٻارن جي عادَت هوندي آهي تہ جنهن ڪم تي دِل ناهي ڪندي ان کان بچڻ جي لاءِ حيلا بهانا ڳولي وٺندا آهن، نفس جي بہ اها ئي حالت آهي، نفس يڪدم ٺيڪ وارن فائدن کي ڏسندو آهي ۽ ڪم نہ ڪرڻ جا بهانا ڳوليندو

آهي، سُستي ختم ڪرڻ جي لاءِ نفس جي هن چال کي ناڪام بڻايو. ڪم نہ ڪرڻ جا بهانا نہ سوچيو، بلڪ ڪم ڪرڻ جون راهون ڪيو ۽ ڪم نہ ڪرڻ تي ڪڏهن بہ پاڻ کي تسلي نہ ڏيو، هڪ مِثال آهي: اوهان گهر ويٺل هئا، مسجد ۾ اذان ٿي، اوهان پاڻ کي تيار ڪيو ۽ نماز جي لاءِ نڪرڻ لڳا، اجان بيٺا ئي هئا تہ ڪچن مان آواز آيو: چانهہ تيار ٿي رهي آهي، پي وڃجو. اوهان جي دل ۾ خيال ايندو: چانهہ نہ پي ويس تہ چانهہ ضايع ٿي ويندي، چانهہ پيئڻ سان ننڊ اڏامي ويندي تہ نماز چڱي طرح توجهہ سان پڙهي سگهندس، ان ڪري چانهہ پي وڃڻ گهرجي، اوهان ويهي رهيؤ، چانهہ پي ٽائم ڏٺو تہ جماعت ۾ ڪجهہ منٽ باقِي هئا، هاڻي اوهان جلدي ٻاهر نڪتا، رستي ۾ اوهان کي هڪ دوست مِلي ويو، هاڻي دِل ۾ خيال ايندو: ڪافي ڏينهن کان پوءِ دوست مليو آهي، ان کي وقت ڏيڻ ضروري آهي، مسلمان ڀاءُ سان سنو سلوڪ ڪرڻ بہ نيڪي آهي اهو سوچي اوهان دوست سان گپ شپ ۾ مَصرُوف ٿي ويؤ، ايتري ۾ جماعت نڪر وئي، هاڻي نفس سُستي ڏياريندو: جماعت تہ نڪري وئي هاڻي گهر ئي ۾ نماز پڙهي وٺو.

هن مثال کي سامهون رکي غور ڪريو! اسان جي زِندگي ۾ بيشُمار اهڙا موقعا ايندا هوندا جو اسان اهڙين ننڍين فضول سببن جي ڪري اَهم ڪمن کان سُستي ڪندا رهون ٿا ❖ رَشْ ۾ ڦاسي ويس ❖ مٽي ۾ سور هو ❖ مهمان اچي ويا ❖ برسات ٿي رهي هئي ❖ موسَم خراب هو ❖ ڪڪر ڇانئجي ويا هئا وغيره وغيره هزارين قسمن جا بهانا اسان جو نفس اسان کي سيکاري رهيو هوندو آهي، ۽ گهڻي نقصان جي ڳالهہ اها آهي جو ان کي سُستي ناهي سمجهيو ويندو، عام طور ماڻهو اهڙي صُورت ۾ پاڻ کي تسلي ڏيندا آهن، اي عاشقانِ رسول! ايئن نہ ڪريو، نفس بهاني باز آهي، اوهان هن جا بهانا ٻڌي تسلي ڏيندؤ تہ هي ويتر بگڙجي ويندو ۽ ڏينهو ڏينهن ان جي سُستي ۾ اِضَافو ئي ٿيندو، اهڙي صُورت ۾ پاڻ کي تسلي ڏيڻ جي بدران، ان کي ڇڙٻيو، پنهنجو پاڻ تي شرمندگي طارِي ڪريو، سوچيو! ڇا اهي بهانا اوهان کي ڪاميابي ڏياري سگهن ٿا؟ ڇا اهڙن ننڍن ننڍن سببن تي جيڪڏهن اوهان اَهم ڪم ڇڏي ڏنو يا انهن ۾

## سُستي ڪئي تہ ڇا پنهنجي منزل ماڻي سگهندؤ؟

ياد رکو! الله پاڪ ڪا بہ شيء بي فائِدہ ناهي بڻائي، هن دُنيا ۾ هر انسان جي هڪ قيمت آهي، ڪو گورو آهي يا ڪارو، ننڍو آهي يا وڏو سڀ قيمتي آهن، اسان جي جان، اسان جو وقت گهڻو قيمتي آهي پر فيصلو اسان کي ئي ڪرڻو آهي تہ اسان پنهنجي پاڻ جي، پنهنجي وقت جي ڪيتري قيمت وُصُول ڪيون ٿا، سستي ڪري، اڄ آرام ڪري آئنده ڪالهہ جي ناڪامي ۽ شرمندگي خريد ڪيون ٿا يا اڄ مشقت ڪٽي ڪالهہ جي ڪاميابي حاصِل ڪيون ٿا، هن جو فيصلو اسان کي ڪرڻو آهي. الحمد للہ! اسان مسلمان آهيون، ڇا اوهان کي خبر آهي تہ هڪ مسلمان جي، ان جي وقت جي قيمت ڇا آهي؟ جَنَّت...! جي ها! مسلمان جي قيمت جَنَّت آهي. سيپاري: 11، سورۂ توبہ، آيت:111 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِیْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَؕ | ترجموڪنز الايمان: بيشڪ الله مسلمانن کان سندن سندن مال ۽ جان خريد ڪري ورتا آهن هن بدلي تہ انهن جي واسطي جنت آهي |

مشهور صُوفِي بُزرگ، مولانا رُوم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت کي ذِڪر ڪري فرمائن ٿا: ڏسو! الله پاڪ توهان کي، توهان جي وقت کي، توهان جي جان کي، توهان جي مال ۽ ڪاروبار کي خريدي ورتو آهي، تہ اهي شيون الله ڪريم جي راهہ ۾ خرچ ڪيو تہ توهان لاءِ هميشہ رهڻ واري جنت آهي، مسلمانو! الله پاڪ وٽ توهان جي اهڙي قيمت آهي، جيڪڏهن (پنهنجو وقت گُناهن ۾ گذاري) پاڻ کي دوزخ جي بدلي وڪٽي ڇڏيو تہ پنهنجي پاڻ تي ظُلم ڪرڻ وارا ٿيندؤ. (فيہ ما فيہ، صفحہ:8)

تُو بَہ قِيمَت وَرَائے دَوْ جَهَانَے | چِہْ کُنَمْ قَدْرِ خُوْد نَمِیْ دَانَے

مفهوم: توهان ٻنهي جهانن کان قيمتي آهيو، ڇا ڪجي جو توهان پنهنجي

قدر نٿا سڃاڻُو.

اي عاشقانِ رسول! ٻڌايو! هڪ پاسي چانهه جو هڪ ڪپ، ٻي پاسي باجماعت نماز جي صُورت ۾ 27 نمازن جو ثواب، اوهان پنهنجي، پنهنجي وقت جي ڇا قيمت لڳايو ٿا؟ هڪ پاسي دوستن جي نشست، هڪ پاسي جَنَّت، ٻڌايو! اوهان پنهنجي ڇا قيمت لڳايو ٿا؟ هڪ پاسي برسات، بادَل، خراب موسَم، هڪ پاسي ڪاميابي، ٻنهي مان اوهان ڪنهن تي هٿ رکو ٿا؟ هڪ پاسي اهو مِزَاج جو منهنجي دِل نہ ٿي چاهي، ٻي پاسي نيڪيون، هڪ پاسي نفس جي خواهش، ٻي پاسي جنَّت جون اَبَدِي نعمتون، اوهان ڪنهن کي پسند ڪريو ٿا، پنهنجو وقت، پنهنجي زِندگي ڪنهن جي بدلي وڪرو ڪيو ٿا. ٿورو سوچيو! ڇا اسان جي زِندگي جي ايتري گهٽ قيمت آهي جو اسان فضول سبب جي ڪري پنهنجي مقصد کي وساري ڇڏيون؟ نہ، اسان جي زِندگي ايتري معمولي ناهي، تنهنڪري ڪڏهن بہ نفس جي ورغلائڻ ۾ نہ اچو. ياد رکو! جهڙي طرح اسان وٽ ڪم نہ ڪرڻ جا بهانا هوندا آهن، اهڙي طرح ڪم ڪرڻ جون بہ هزار راهون هونديون آهن.

جو آنا چاہو ہزار رستے، نہ آنا چاہو تو عُذر لاکھوں

جيڪڏهن اوهان سُستي ڀڄائڻ چاهيو ٿا، جيڪڏهن اوهان زِندگي جي سَفَر ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهيو ٿا تہ ڪڏهن بہ ڪم نہ ڪرڻ جا بهانا نہ سوچيو! هميشہ ڪم ڪرڻ جون راهون ڳوليو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6-7-8): دُعا ڪريو، باوُضو رهو، هدف ٺاهي ڪم ڪريو

❖ سُستي کان بچڻ جي لاءِ دُعا ڪرڻ بلڪل نہ وساريو، ڇوتہ دُعا مؤمن جو هٿيار آهي، سرڪار عالي وقار، بيڪسن جي مدد گار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اُمَّت جي تعليم جي لاءِ دُعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِكَ مِنَ الْعِجْزِ وَالْكَسْلِ اي الله پاڪ! مان عاجِز اچڻ کان ۽ سُستي کان تنهنجي پناهه گهران ٿو. ❖ باوُضو رهو ❖ هميشہ هدف ٻڌائي ڪم

ڪريو ❖ زِندگي جو هڪ مقصد ٺاهيو ۽ هميشه پنهنجي مقصد تي نگاهه رکو.

## (9):صبح جو معمول درست ڪريو

الله جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن دُعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لِاُمَّتِيْ فِيْ بُكُوْرِهَا يااللہ پاڪ! منهنجي اُمَّت جي صبح جي وقت ۾ برڪت عطا فرماءِ.
(اِبْنِ ماجَه، ڪتاب: تجارت، صفحه:357، حديث:2236)

الحمدلله! صبح جي وقت ڪمن ۾ تمام گهڻي برڪت ٿيندي آهي. اي عاشقانِ رسول! پنهنجي صبح جو معمول درست ڪريو! اِنْ شآءَ الله! سڄو ڏينهن چست رهندؤ. حضرت اَبُو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: جڏهن توهان سمهو ٿا ته شيطان ڪنڌ ۾ 3 ڳنڍيون ڏيندو آهي، جڏهن ٻانهو اٿندو آهي، الله پاڪ جو ذِڪر ڪندو آهي ته هڪ ڳنڍ کلي ويندي آهي، پوءِ وُضُو ڪندو آهي ته ٻي ڳنڍ کلي ويندي آهي، پوءِ نماز پڙهندو آهي ته ٽين ڳنڍ کلي ويندي آهي ۽ انسان خوش دِل، پاڪ نفس صبح ڪندو آهي، جيڪڏهن ائين نه ڪري (يعني ذِڪرُ الله نه ڪري، وُضُو نه ڪري، نماز نه پڙهي) ته پليت نفس ۽ سست صبح ڪندو آهي. (مُسْلِم، ڪتاب: نمازِ مُسَافِر، صفحه:282، حديث:776)

## (10): محاسبي جي عادت ٺاهيو

آخري طريقو جنهن کي اپنائي اسان دُنيا ۽ آخرت جا بيشُمار فائدا حاصِل ڪري سگهون ٿا اهو هي آهي ته اسان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عَطا ڪيل نيڪ اعمال جي مطابق عمل ڪندي روزانو پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ پنهنجي زِندَگي جو لازمي حِصو ٺاهيون، جيڪڏهن اسان صِرف روزانو پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ ئي جي عادَت اپنائي وٺون ۽ پنهنجو جائزو وٺون ته اڄ مون ڇا ڇا ڪيو ۽ ڇا نه ڪري سگهيس ته اِنْ شَآءَالله! هن سوچ جي برڪت سان تمام جلد سُستي کان نجات ملي ويندي. الله اسان کي سُستي ۽ ڪاهلي کان مَحفُوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو! اهو بہ سُستي ۽ ڪاهلي ڪان نجات جو بهترين طريقو آهي. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم آهي: ”فجر جي لاءِ بيدار ڪرڻ“ ياد رهي! نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ آخري نبي، نبي اُمّي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنَّت آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي سان وابستہ عاشقانِ رسول سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنَّت تي عمل جي جذبي تحت صبح فجر جي نماز کان پهريان گهٽي گهٽي وڃي وڏي آواز سان درود وسلام پڙهندا آهن ۽ ماڻهن کي بستر ڇڏي نمازِ فجر جي دعوت ڏيندا آهن. اوهان بہ هن ديني ڪم ۾ حِصو وٺو، صبح جلدي اُٿو، الله پاڪ نصيب ڪري تہ نمازِ تهجد ادا ڪريو، ذِڪر ودرود ڪريو، اذانِ فجر کان پوءِ مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق ماڻهن کي فجر نماز جي لاءِ جاڳايو، هن عَمَل جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه! ڪوڙ ثواب ملندو ۽ الله ڪريم چاهيو تہ سُستي ۽ ڪاهلي کان بہ نجات ملي ويندي.

## ڪلمي شريف جو ورد ڪرڻ لڳو

ضلعو اوڪاڙه (پنجاب) جي شهر ديپالپور جي اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ منهنجو چاچو محمد رفيق عطاري دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ۽ اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مريد هو. ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جو روزانو معمول هو ۽ ان جي لاءِ صبح جلدي اٿي پري پري تائين ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندو هو. ان عادت جي ڪري سڄي”ديپالپور“ ۾ مشهور هو. هڪ ڀيري فيصل آباد کان گهر موٽي رهيو هو. عشاء جي نماز جو وقت ٿيڻ تي گاڏي روڪي نمازِ عشاء ادا ڪئي، پوءِ اڳتي روانو ٿيو، گاڏي تيز رفتاري سان وڃي رهي هئي جو اوچتو چاچي محمد رفيق عطاري بلند آواز سان ڪلمو پاڪ پڙهيو ۽ فرمايو سڀ ڪلمو پڙهو. سيني ڪلمي شريف جو ورد شروع ڪيو،

اجان ڪجھ ئي دير گذري هئي جو گاڏي ڪي اوچتو هڪ زور دار جهٽڪو لڳو ۽ گاڏي ڪاهيءَ ۾ ڪِري. ٻيا ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر چاچي ڪي شديد زخم لڳا، شديد تڪليف جي باوُجود سندن زبان تي بلند آواز سان ڪلمو شريف جاري هو ۽ ماشَآءَ الله! قسمت ڏسو! ڪلمو پڙهندي پڙهندي ئي دُنيا مان موڪلائي ويا. (حيرت انگيز حادثه، صفحه:25)

فضل وکرم جس پر بھی ہوا، لب پر مرتے دَم کلمہ | جاری ہوا، جنت میں گیا، لَآاِلٰہَ اِلَّااللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جي ڪرم سان عزت واري مهيني رجب المرجب جي آمدآمد آهي، اسان ڪي رجب شريف ڪهڙي طرح گذارڻو آهي؟ اچو! هن حوالي سان امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا. ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي جو مڪتبوب (يعني خط مبارڪ) ٻڌون ٿا.

## مڪتوبِ عطار

**بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم سگ مدينہ محمّد الياس عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنه جي طرفان، تمام اسلامي ڀائرن ، اسلامي ڀينرن ، مدارس المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ جي اساتذه ، طَلَبہ معلمات ۽ طالبات جي خدمات ۾ ڪعبہء مُشَرّفہ جي چوڌاري گهمندو،گنبذ خضريٰ ڪي چمندو رَجَبُ المُرَجب، شَعبانُ المُعَظم ۽ رمضانُ المُبارڪ جي برڪتن سان مالا مال جهومندو سلام،**

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰی كُلِّ حَال

ہونہ ہو آج کچھ مرا ذکر حضور میں ہوا

ورنہ مری طرف خوشی دیکھ کے مسکرائی کیوں (حدائق بخشش)

اَلْحَمْدُ لله هڪ ڀيرو وري خوشين جا ڏينهن اچڻ لڳا رجب شريف جي مهيني جي آمد آمد آهي. هن مبارڪ مهيني ۾ عبادت جو ٻج پوکيو ويندو آهي، **شَعبانُ المُعَظم** ۾ شرمساري جي ڳوڙهن سان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ **رمضان المبارڪ** جي مهيني ۾ رحمت جو فصل ڪٽيو ويندو آهي.

## رجب جا ابتدائي ٽين روزن جي فضيلت

رجب المرجب جا قدر دانو! تعليم و تعلُّم (يعني سکڻ ۽ سيکارڻ) ۽ ڪسبِ حلال ۾ رڪاوٽ نہ هجي، ماءُ پيءُ بہ بلا وجہ منع نہ ڪن، ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿيندي هجي جلدي جلدي ۽ جلدي مسلسل ٽن مهينن جا يا رمضان المبارڪ جي مڪمل فرض روزن سان گڏ جنهن ڪان جيترا ٿي سگهن نفل روزن جي لاءِ ڪمر بستہ ٿي وڃو، سحري ۽ افطار ۾ گهٽ ڪائي ڪري پيٽ جو قفل مدينہ بہ لڳايو. ڪاش! هر گهر ۾ ۽ منهنجي جملہ مدارس المدينہ ۽ تمام جامعة المدينہ ۾ روزن جون بهاريون اچي وڃن. بس پهرين رجب شريف ڪان ئي روزن جو آغاز فرمائيندا وڃو.

رجب شريف جي ابتدائي ٽن روزن جي فضائل جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي! حضرت سيّدنا عبدالله ابنِ عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ڪان روايت آهي تہ بيچين دِلين جي چين، رحمتِ دارين، تاجدارِ حرَمين، سروَرِ ڪَونَين، ناناءِ حَسَنَين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي: ”رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽين ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي.“ (الجامع الصغير للسيوطي ص 311 حديث 5051 فضائل شهر رجب للخلال ص 7)

میں گنہگار گناہوں کے سوا کیا لاتا

نیکیاں ہوتی ہیں سرکارِ نکوکار کے پاس

نفلي روزن جون بہ ڇا نہ خوب بهارون آهن هن ضِمن ۾ بہ مبارڪ حديثون ملاحظ فرمايو۔

## (1) فِرشتا ڪڏهن دعاءِ مَغفِرت ڪندا آهن؟

**حضرت** سيّدَتُنا اُمِّ عَمَّارَه رَضِیَ اللہ عَنہا فرمائن ٿيون: حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف وٺي آيا تہ مون پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت بابرڪت ۾ ڪاڌو پيش ڪيو تہ ارشاد فرمايائون: "تون بہ کاءُ" مون عرض ڪيو: "مان روزي سان آهيان" تہ رحمتِ عالم صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "جيستائين روزيدار جي سامهون ڪاڌو ويندو آهي **فِرشتا ان روزيدار جي لاءِ دعاءِ مَغفِرت ڪندا رهندا آهن.**"

(سنن ترمذي ج 2 ص 205 حديث 785)

## (2) روزيدار جون هڏيون ڪڏهن تسبيح ڪنديون آهن

**حضرت** سيّدنا بلال رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ مُعظم ۾ حاضر ٿيا، ان وقت حُضُور پُر نُور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ناشتو ڪري رهيا هئا، فرمايائون: اي بلال! ناشتو ڪريو، عرض ڪيائون: **يارسول الله** صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان روزيدار آهيان، تہ **رسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اسان پنهنجي روزي کائي رهيا آهيون ۽ بلال جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي. اي بلال! ڇا توکي خبر آهي تہ **جيستائين روزيدار جي سامهون ڪجھ کاڌو وڃي تيستائين انهي جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن، ان کي فرشتا دعائون ڏيندا آهن.** (شعب الايمان ج 3 ص 297 حديث 3586)

**مُفَسِّرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا تہ هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪاڏو ڪائڻ دوران ڪو اچي وڃي تہ ان کي بہ ڪائڻ جي لاءِ سڏڻ سنت آهي، پر دِلي ارادي سان سڏي، ڪوڙي تواضُع (يعني صلاح) نہ ڪري ۽ اچڻ وارو بہ ڪوڙ ڳالهائي هيئن نہ چوي تہ مونکي خواهش ناهي، تہ جيئن بک ۾ ڪوڙ گڏجي نہ وڃن. بلڪ جيڪڏهن (نہ ڪائڻ چاهي يا) ڪاڏو گهٽ ڏسي تہ چوي بَارَكَ اللهُ (يعني الله پاڪ تو کي برڪت ڏي) هي بہ معلوم ٿيو تہ سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پنهنجون عبادتون نہ لڪائڻ گهرجن، بلڪ ظاهر ڪيون وڃن تہ جيئن حضور پُرنُور، **شافع يومُ النُّشُور** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي گواھ بڻجي وڃن، ۽ اهو ظاهر ڪرڻ رياء ناهي. (حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي روزي جو ٻڌي ڪري جيڪو ڪجھ فرمايو ويو ان جي شرح هي آهي) تہ يعني اڄ جي روزِي اسان تہ پنهنجي هتي ئي ڪائي ونون ٿا. حضرت سيّدنا بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان جي عِوَض جنّت ۾ ڪائيندا، اهو عوض (يعني بدلو) بهتر بہ هوندو ۽ زياده بہ، حديث بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي، واقعي ان وقت روزيدار جي هر هڏي ۽ جوڙ بلڪ رڳ رڳ تَسبِيح (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪي بيان) ڪندي آهي جنهن جو روزيدار کي پتو ئي ناهي هوندو، پر سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌندا آهن. (مراٰة ج 3 ص 202)

**مطالعو** ڪيو هجي تڏهن بہ ٻئي رسالا (1) **ڪفن جي واپسي ۽ رجب جون بهارون** ۽ (2) **آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو مهينو** پڙهي ڇڏيو، ۽ پڻ هر سال **شعبان المُعَظّم** ۾ **فيضان سنّت** جو باب **فيضانِ رمضان** ضرور پڙهي ڇڏيندا ڪريو. ٿي سگهي تہ **عيدِ مِعراجُ النبي**صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان 127 يا 27 رسالا يا حسبِ توفيق **فيضانِ رمضان** بہ تقسيم فرمايو ۽ خوب خوب ثواب ڪمايو. تمام اسلامي ڀائرن سان بالعُمُوم ۽ جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ جي جملہ قاري صاحبان،

استادن، ناظمن ۽ طالبن جي خدمت ۾ بالخصوص تڙپندڙ **مدني عرض** آهي تہ براءِ ڪرم! (منهنجي جيئري ۽ مرڻ ڪان بعد بہ) زڪوٰة، فطرو، قرباني جون کلون ۽ ٻيا مدني عطيات جمع ڪرڻ ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺندا ڪريو. (اسلامي ڀينرون ٻين اسلامي ڀينرن ۽ مَحارِم کي ترغيب ڏيارين)

خدا جو قسم! مون کي انهن استادن ۽ شاگردن جي باري ۾ ٻڌي ڪري تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃڻ جي خواهش کي قربان ڪري **رمضان المبارڪ** جو مهينو جامعات ۾ گذاريندا آهن ۽ پنهنجي مَجلس جي هدايتن جي مطابق چندي جي بستن تي ذميداريون سنڀاليندا آهن. جيڪي استاد ۽ شاگرد بغير ڪنهن عذر جي صرف سُستي يا غفلت جي سبب عدمِ دلچسپي جو مظاهرو ڪندا آهن انهن جي سبب ڪان منهنجي دل **ڏکندي** آهي.

**خصوصي مدني گل:** جيڪي اسلامي ڀاءَ يا اسلامي ڀيڻ چندو جمع ڪرڻ چاهن تا انهن  کي چندي جا ضروري احڪام معلوم هجڻ فرض آهن، تاڪيد سان عرض آهي تہ جيڪڏهن پڙهي چڪا آهيو تڏهن بہ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 107 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**چندي جي باري ۾ سوال جواب**" جو ڀيهر مطالعو فرمايو. يا الله عَزَّوَجَلَّ **رمضان المبارڪ** ۾ چندي ۽ عيد الاضحيٰ ۾ کلن جي لاءِ ڪوشش ڪري جيڪي **عاشقانِ رسول** منهنجي دل خوش ڪندا آهن تون انهن ڪان هميشہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ انهن جي صدقي مون پاپي ۽ بدڪار، گناهگارن جي سردار ڪان بہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ .

**ياالله** عَزَّوَجَلَّ! جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ (عذر نہ هجڻ جي صورت ۾) هر

سال ٽن مهينن جا روزا رکي ۽ هر سال جُمادي الآخرٰي ۾ رسالو **ڪفن جي واپسي** ۽ رَجَبُ المُرَجَّب ۾ آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو ۽ شَعبان المُعَظَّم ۾ **فيضانِ رمضان** پڙهي يا ٻڌي ونڻ جي سعادت حاصل ڪري مون کي ۽ ان کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب فرماءِ ۽ اسان کي بي حساب بخشي ڪري جنّت الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رک.

اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبوت صَلّي الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪئي ان مون سان مَحبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهٽ کائڻ سُنَّت آهي

به فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جڏهن انسان گهٽ کائيندو آهي، ان جو باطن نور سان ڀرجي ويندو آهي. (جامع صغير، صفحه:233،حديث:3831) (2): جيڪو دُنيا ۾ گهٽ کائي، گهٽ پيئي، الله پاڪ ملائڪن جي اڳيان ان تي فخر ڪندو آهي. (مَجْمَعُ الزَّوائِد، كتابُ الْاَدَب، باب حُسْنِ اَخْلاق کے بيان ميں، جلد:8، صفحه:19، حديث:12687)

اي عاشقانِ رسول! گهٽ کائڻ سُنَّت آهي. ❖ اسان جو پيارو آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ بک کان گهٽ کائيندو هو، ❖ رسول اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جيستائين دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن لاڳيتو ٻه راتيون پيٽ ڀري نه کاڌائون ❖ رحمت عالم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ بک سبب پيٽ تي پٿر ٻڌي رکندا هئا.

کاڌي جي مِقدار بابت اَحڪام: ❖ بک هجڻ وقت کائڻ سُنت آهي ❖ جيتري بک هجي، اوترو کائڻ مُباح آهي (يعني هن ۾ نه گُناهه، نه ثواب) ❖ پيٽ ڀري ايترو کائڻ

جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان هجي حرام آهي ❖ پيٽ پري ايترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نہ هجي، مڪروه آهي ❖ غِذَا ۾ ايتري ڪمي ڪرڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل اچي، ناجائز آهي. (بہارِ شَرِيْعت، حصہ:16، جلد:....، صفحہ:.....)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا بہ رسالا "101 **مدني گل**" ۽ "163 **مدني گل** هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴾1﴿ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴾2﴿ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰہُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴾3﴿ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،
[2] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125
[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم ڪان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305